# 5 مهمان

هيءُ مذاقي سبق آهي. هن سبق ۾ مهمان بابت ٻڌايل آهي ته اُن ۾ کهڙا گڻ هئڻ گهرجن. جيڪڏهن مهمان بي واجبي هلت هلي ٿو ته اِهو ميزبان لاءِ مصيبت جو ڪارڻ بڻجي ٿو.

ٻڌو، پڙهو ۽ سمجهو.



چوندا آهن ته مهمان ڪنهن نصيب واري جي گهر ايندو آهي. چاڪاڻ ته اُن کي ڀڳوان جو روپ ڪري ليکيو ويندو آهي. سو منهنجو به پاڃ ڪليو، جڏهن رات جو ساڍي ٻارهين بجي اَسان جي ِ گهر مهمان اَچي وارد ٿيا. اسين گهر جا ڀاتي ڪائي پي سپ اون لاهي منڙي ننڊ ۾ سمهيا پيا هئاسين. اوچتو دروازي تي ٺڪ ٺڪ جو آواز ٿيو. در کولي جان ڪٽي ڏسان ته اَسانجو هڪ پريون مائٽ پنهنجي پتني ۽ ٻن ٻارن سميت هڪ پيٽي ۽ بسترو جهليو ٻاهر بيٺو آهي. مون ٻاهرئين نموني منهن تي مرڪ آڻي کين چيو، ”اچو سائين، ڀلي ڪري آيا.“ مهمان آکڻ لڳو، ”توهان ته اسان وٽ اچو ڪونه ٿا. آخر اسان کي ئي توهان جي اُڪير لڳي. دل ۾ سوچيم ته ٻارن کي وئڪيشن آهي، چو نه توهان وٽان به ٿي ڏينهن گهمي ڦري وڃون.“

پيٽي بسترو وٺندي مان اُنهن کي اَندر اچڻ لاءِ چيو. کُمهلي وقت مهمانن کي آيل ڏسي منهنجي شريمتيءَ جي پيرن هيٺيان زمين کسڪي ويئي. تڏهن به ٻاهرئينءَ طرح اُنهن جو آدرستڪار ڪيائين. کين روٽي پاڻيءَ جي آڇ ڪيائين. مهمان جي گهر واريءَ اُمالڪ چيو ”صبوح جو يارهين وڳي گاڏيءَ ۾ وينا

آهيون. مٿان هيءُ محل ٿي آهي. ٻارن نہ ڪجھ کاڌو آهي نہ ڪير پيتو آهي.``

منهنجي گھر واري اَندر ۾ سوُڙ پي آيل مهمانن لاءِ روٽي تيار ڪئي. گھر ۾ ڪير بلڪل ڪونہ هو. ڪير لاءِ پاڙي وارن جو در کڙڪايوسين. مشڪل سان ٿورو ڪير مليو. ٻن پلنگن تي وڇايل بسترن تي مهمانن کي سمهاري، اَسين گھر جا ڀاتي هيٺ فرش تي ئي سمهي پياسين.

صبوح جو منهنجي زال چانهہ تيار ڪئي. مهمان منهن ۾ گھنج وجهي چيو، ''اَسين تہ صبوح جو گھاٽي ڪير واري ڪافي پيئندا آهيون. اُن سان گڏ بسڪيٽ پڻ کائيندا آهيون.`` دل جو سور دل ۾ پي بازار ۾ ويس. قسمت سان هڪ دوڪان کليل هو. ڪافيءَ جو ډبو ۽ بسڪيٽ وٺي آيس. تنهن کانپوءِ درجي بہ درجي سندن فرمائشون وڌنديون ويون. نيرن، منجهند ۽ رات جي روٽيءَ وقت منهنجي گھر واريءَ کي سوادي ۽ لذيذ طعام ناهڻا پيا. مگر مهمان جون ڪسرون هوءَ برتنن مان ڪڍڻ لڳي. ٻاسڻن جي ٺڪا ٺوڪي لڳي ويئي. دلداري ڏيندي چيومانس، ''ڀاڳن ڀري! مهمان تہ ڪنهن ڀاڳن واري وٽ ايندا آهن. ائين خفي نہ ٿيءُ.``

خير، ٻن ٽن ڏينهن لاءِ آيل مهمان پورو هڪ هفتو رهيا. ڪنهن ڏينهن برلا مندر تہ ڪنهن ڏينهن جهولي لعل مندر ڏسڻ لاءِ پنهنجي اِڇا پرگھٽ ڪيائون تہ ٻئي ڏينهن مڪتي ڌام ۽ گنگا گھاٽ گھمائڻ لاءِ چوڻ کان بہ ڪين هٻڪيا. مونکي آفيس مان موڪل وٺي مهمانن سان گڏ شهر جي پرڪرما ڏيڻي پيئي. رڪشا وغيره جو ڀاڙو ڏيڻ لاءِ مهمان مهاشيہ پنهنجو ٻٽوئون ڪونہ کوليو. مون اِهو سڀ ڪجھ ڀاڙتي هموار ڪيو.

وڃڻ واري ڏينهن مهمان مهاشيہ پنهنجي آخرين اِڇا ظاهر ڪندي چيو، ''ٻڌو اَٿم تہ اوهانجي شهر جا بيهہ ۽ ڀاڀوڙا ڏاڍا مشهور آهن.`` مون ڪنڌ ڌوڻي ها ڪئي تہ جهٽ منهن کوليندي چيائين، ''مونکي ڀاڙي اوڙي وارن بہ چئي ڇڏيو آهي تہ اَسان لاءِ پڻ وٺي اَچجِ.`` مون اِنڪار ڪونہ ڪيو. مهمانن کي مارڪيٽ ۾ وٺي هليس. پورا پنج ڪلو گرام بيهہ ورتائين ۽ بہ ڊزن ڀاڀوڙا. مان پنهنجي حالت تي افسوس ڪائڻ لڳس.

خير، مهمان سکہ سان روانا ٿيا. ٻئي ڏينهن دفتر ۾ جڏهن پهتس تہ اُهو پگھار جو ڏينهن هو. پگھار ملي ڏسان ڪٽي تہ صاحب اُنهن ستن ڏينهن جي پگھار ڪاٽي ڏني هئي. منهنجون ٻہ بہ ويئون تہ ڇهہ بہ ويئون. شريمتي مون تي ڏمرجڻ لڳي. مان اَهڙو ڪچان جهڙي پت.

مان پرماتما کي پرارٿنا ڪرڻ لڳس تہ اي پريو! اَسان وٽ مهمان اَچن. اُن لاءِ مونکي ڪابہ شڪايت ڪانهي، مگر اسان جي عزيزن کي مهمان ٻڌڻ سيکار تہ تنهنجو شڪرگذار رهندس.

## نوان لفظ

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ڪُمهلو | بي وقتو | وارد ٿيڻ | پهچڻ | اون | فڪر |
| نصيب | ڀاڳ | آدرستڪار | مرحبا، آجيان | اُڪير | سڪ |
| دفتر | آفيس | لذيذ | سوادي | اُمالڪ | يڪدم |
| ڏمرجڻ | ڪاوڙجڻ | هموار ڪرڻ | جوابداري کڻڻ | خفي ٿيڻ | پريشان ٿيڻ |

# اَڀياس

**سوال.١. هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

١) مهمان کي ڪنهنجو روپ ڪري ليکيو ويندو آهي؟
٢) مهمان جي گهرواريءَ ڪاڏي جي آچ جو ڪهڙو جواب ڏنو؟
٣) مهمان جون ڪهڙيون فرمائشون هيون؟
٤) مهمان وڃڻ وقت ڪهڙي آخرين اِڇا ظاهر ڪئي؟

**سوال.٢. هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو.**

١) آيل مهمانن جي ڪري ليکڪ کي ڪهڙيون تڪليفون درپيش آيون؟
٢) مهمانن کي روانو ڪرڻ کان پوءِ ليکڪ پرماتما کي ڪهڙي پرارٿنا ڪئي؟

**سوال.٣. (الف) هيٺين جا ضد لکو.**

اندر، سکر، ڏينهن، مشڪل، سوادي

**(ب) هيٺين جون صفتون ٺاهيو.**

گهر، رات، شهر، قسمت، آخر

**(ٿ) هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.**

خفي ٿيڻ، اَفسوس ڪرڻ، هموار ڪرڻ، اِڇا ظاهر ڪرڻ

**(د) وياڪرڻ موجب ڳالهائڻ جا لفظ سڃاڻو.**

دل، اَفسوس، چاڪاڻ، سوادي، ايندا آهن، کي

**(ڪ) ”مهمان ڀڳوان جو روپ آهي“ ان وشيه تي پنهنجا ويچار لکو.**

# پورڪ اَڀياس

**(١) تڪر تي آڏار رکندڙ عملي ڪم.**

صبح جو منهنجي زال چانهه تيار ڪئي ................................... پاڻ تي هموار ڪيو.

**(الف) هيٺيون خاڪو پورو ڪريو.**




**(ب) جوڙا ملايو.**

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | سوادي | (i) | ڪافي |
| (2) | گهاٽو کير | (ii) | پرڪرما |
| (3) | رڪشا | (iii) | طعام |
| (4) | شهر | (iv) | ياڙو |

(ب) ”دل جو سور دل ۾ پي بازار ۾ ويس“ ڏنل جملي ۾ دل ٻه دفعا ڪم آيل آهي. اَهڙيءَ طرح
تڪرار مان ٻيا جملا ڳولهيو جن ۾ ڪوبه لفظ ٻه دفعا ڪم آيل هجي.

(س) هيٺيان جملا ڪنهن ڪنهنکي چيا آهن؟

١) ”اسين تہ صبوح جو گهاٽي ڪير واري ڪافي پيئندا آهيون.“

٢) ”ياڳڻ يري! مهمان تہ ڪنهن ياڳڻ واري وت ايندا آهن.“

(٢) ’سُهڻا توهر پٽن تي گهڻا“ اِن چوڻي / اُپٽار تي روشني وجهو.

(٣) گهر ۾ آيل مهمان ۽ ٻن ياٽين جي وچ ۾ گفتگو لکو.

(۴) توهانجي گهر ۾ آيل مهمان بابت آزمودو آيل ڪو واقعو لکي اَچي ڪلاس ۾ ٻڌايو.

(۵) ماستر ڪلاس ۾ هڪ سٺي مهمان جي گُڻن بابت گفتگو ڪرائي، شاگردن کي ’سُٺي مهمان جا گُڻ‘ گهران
لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

## پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

٢) وچ واري چوڪنڊي ۾ مناسب اَکر وجهو جنئن اُيي ۽ آڏي نموني معنيٰ وارا لفظ ٺهن.

مثال :

| | | |
|---|---|---|
| | و | |
| م | ر | ڌ |
| | ٿو | |

١)

| | | |
|---|---|---|
| | چ | |
| ش | | ل |
| | ر | |

٢)

| | | |
|---|---|---|
| | م | |
| ٺ | | م |
| | ر | |

٣)

| | | |
|---|---|---|
| | ط | |
| م | | ظ |
| | ب | |

۴)

| | | |
|---|---|---|
| | عا | |
| ر | | ق |
| | ت | |

۵)

| | | |
|---|---|---|
| | ح | |
| م | | ر |
| | د | |

٦)

| | | |
|---|---|---|
| | ٻ | |
| س | | ڪ |
| | ژ | |

NHJZEE